# سوچون سڄاڳ



تاج جويو | اياز گل

# سوچون سرها گل

(شاعري)

تاج جويو ● اياز گل

سنڌ اشاعت گهر، سڪرنڊ.

حق ۽ واسطا شاعرن وٽ محفوظ

* سوچون سرها گل (شاعري)
* شاعر: تاج جويو/اياز گل
* ڇاپو: پهريون
* سال: ١٩٧٨ع
* ڪاپيون: هڪ هزار
* ڇپائيندڙ: سنڌ اشاعت گهر، سڪرنڊ.
* ڇپيندڙ: جمالي پرنٽنگ پريس حيدرآباد.
* ٽائيٽل ڊزائين: فتاح
* ڇپائي سونهان: ميسرز آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد.

قيمت: ٥ روپيا

SOCHOON SURHA GUL.

(Poetry)

- *Poets: Taj Joyo/Ayaz Gul.*
- *Edition: First.*
- *Year: 1978*
- *Copies: 1,000*
- *Publishers: Sindh Ishait Ghar, Sakrand.*
- *Printers: Jamali Printing Press, Hyderabad.*
- *Cover Design: Fatah.*
- *ptg: Consultants:*

M/s Aagam Publishing Agency, Hyderabad.

# انبلٽ ريکا

<table>
<tr>
<td>

## ● اياز گل

مهاڳ.......... تنوير عباسي

نظم............

گيت............

آزاد نظم..........

غزل.......... 

دوها...........

ترائيل...........

تيڙو...........

بيت...........

</td>
<td>

## ● تاج جويو

مهاڳ....... شمشير الحيدري

بيت...........

وايون...........

دوها...........

گيت...........

غزل...........

نظم...........

آزاد نظم...........

رينگا...........

چتارا...........

</td>
</tr>
</table>

ته اياز گل آڏام جي شروعات ڪري چڪو آهي. سندس هيءُ شعر پڙهو:

”وارو ڙي وارو !!“
ڪوڪون ڪچي وارن جون،
بند ۾ پيــو گهارو.

هن شعر ۾، ٽيڙوءَ جون فني ضرورتون ته پوريون آهن، پر اڃا به اڳتي، هن شعر ۾ گُنل ڊِنل اکرن وارا سڪا نئا ملن. ائين ٿو لڳي ته ايازگل، نئين ضرب خاني جي شروعات ڪري، نوان سڪا پلٽيا آهن. هن ٽيڙوءَ ۾ اهڙا لفظ آهن، جيڪي اڄڪلهه عام شاعر استعمال نٿو ڪري، ۽ هيءُ شعر ان واقعي ڏي ڌيان ٿو ڇڪائي، جيڪو شاعريءَ ۾ نئون نئون آيل آهي. ڪنهن نئين ريڪارڊ جان ڪا نئين ڌن آهي.

اهڙائي ٻيا شعر:

ٽُنڊڪ جو درياهه،
وڏي شهر ۾ ڳوٺائي جو
مٺ ۾ آهي ساهه.

پنجون مهينو پيــٽ
لڪي لڪي لو ّڪ ڪان
ڇوري ڪائي ميٽ.

—

راهن تان راڪاس گهمي ويو،
هيسيل چهرا، پــوليــل در.

—

گذريل گهڙيون يــاد ڏياري،
آلـبـم ۾ تنهنجي تصــويــر.

متين شعرن ۾ نئين ڏاليل سڪي وارو جرڪو آهي.
انهن ۾ سماجي شعور به آهي، پر اها روايتي پينو نينگر ناهي،
جنهن جي مرڪ تي ڪشتي ۾ رپيا ٽا پون.

ازرا پائونڊ لکيو آهي ته ”هر فنڪار، پنهنجي شروعاتي
دؤر ۾، ڪنهن نه ڪنهن وڏي فنڪار کان متاثر ٿيندو آهي.“
ايازگل ان دؤر ۾ به مٺا سٺا، پڪا ۽ پختا شعر ڏنا آهن.
انهن شعرن ۾ جيتوڻيڪ ”عام پسند وارين عادتن“ کي تسڪين
ڏيڻ واري شاعري آهي، پر تڏهن به فني پختگي ۽ نواڻ سان
پريل آهن، ۽ اهڙي قسم جي عام پسند وارن گهڻن شاعرن کان
ايازگل اڳيرو نڪري ويو آهي، توڙي جو سندس عمر ڪانٺن
گهٽي نندي آهي.

رچرڊس جي عملي تنقيد (Practical Criticism) جي
اصول موجب هيٺيان شعر، شاعر جي نالي ٻڌائڻ کان سواءِ ڪن
ماڻهن کي ڏجن، ۽ سندن خامين ۽ خوبين تي بحث ڪرائجي،
ته اهي پڙهندڙ هي شعر ايازگل جا نه، پر ڪنهن چڱي
Established شاعر جا سمجهندا.

چاهت اهڙو رنگ رچايو،
چهرا چنڊ، ستارا ٿي پيا.

*

يادون، سپنا، خط اوهان جا،
جيئڻ ڪاڻ سهارا ٿي پيا.

*

ڪيترا ٿاڦڙيا، ٿڙيا آهيون،
گهر جي در تي اچي پڄڻ تائين.

*

جي ڪنهن کي به پيارا ناهن،
ڪيڏا سي ويچارا وڃا

*

منهنجي ياد ائين رهندئي جئن،
ذهنن تي ڪا لوڪ ڪهاڻي!

*

سچ جي سچ جي ناؤ اگهيان سدا،
ڪوڙجي برف جاڪوٽ رجندا رهن.

*

غزل اڄ رات پرين! واهه جو لکجي ويندو،
ذهن منهنجي تي سنڌ ياد جو ڪڙڪو آهي.

*

پيٽ بکئي لءِ پگهرن-لپ آ، جن ڪا موتين مٺ،
ڇيهان ڇيهان سورهيه ڇاتي، ڪانئر گهايل پٺ.

*

ڇڏ ڇڏ، ڇيڪ نه ڪر او ڇوري!

---

اسان جي مشرق ۾، اڃا مسئلا آهن. سماجي مسئلن جو ذڪر مغربي شاعريءَ ۾ ان ڪري ختم ٿي ويو، جو اتي هرڪو پيٽ ڀري کائي ٿو، بيماري، غلاظت ۽ گندگي ناهي، سياسي ۽ قومي آزادي آهي، اسان اڃا اتي نه پهتا آهيون، پر اسان انهن مسئلن کي روايتي انداز ۾ شاعريءَ ۾ رائج ڪري شاعريءَ تي وڙي مسئلن ٻنهي کي بي اثر ڪري ڇڏيو آهي. ايازگل ان ڏس ۾ انهن ٿورن شاعرن مان آهي، جن انهن مسئلن کي روايتي نه بنايو آهي، پر دل جي سچائيءَ سان، فنائتي نموني ۾، نوان سان پري پيش ڪيو آهي- جيئن:

نفرت، ڪاوڙ ٻول ڪڙا جن،
ٻوهم جا آهن ٻارا وو!

*

سوچون

سرھا

گل—

— اياز گل

# وايون

*

دلبر! دير سوير،
ماٺيندا سين ماڪ ڪي!

ڪين ٿٿون ٿيا ھنڌ ۾، پٿر پنھنجا پير،
ماٺيندا سين ماڪ ڪي!
ڏاڍي ڏاڍ ڇڏيو ڇڻ، ٻيرن ڇٽيا ٻير،
ماٺيندا سين ماڪ ڪي!
قسمت پنھنجيءَ راھ ۾، ٽيندي آھي ڪير؟
ماٺيندا سين ماڪ ڪي!
ڪين اسان جي ھانءَ ڪي، ھارائڻ جي ھير!
ماٺيندا سين ماڪ ڪي!

*

ناھي دير سويرن ۾،
رات وجي ٿي رڙھندي رڙھندي!
باک ڦٽي ٿي ڪاٺ ھٽي، يارو، ڳُھڪھ انڌيرن ۾!
رات وجي ٿي رڙھندي رڙھندي!
ڪوڙ سموريءَ دنيا جو، ھوندو پنھنجن پيرن ۾،
رات وجي ٿي رڙھندي رڙھندي!
ماڻڪ، موتي، لعل، ڪنول، ڦاڻل ڪيڙن ميرن ۾،
رات وجي ٿي رڙھندي رڙھندي!
چاڻ پرين! ڦڙڦوٽ پئي، تنھنجي غم جي گھيرن ۾.
رات وجي ٿي رڙھندي رڙھندي!

*

واهه وٺي ٿو گل،
وينگس وارن وچ ۾!
آڏريو پڪي پيار جو، تنهن ڏانهن ڏيئي ٻُل،
وينگس وارن وچ ۾!
ڇرڪي امن آڏامندو، ڪين ڪيو ڪو هُل،
وينگس وارن وچ ۾!
پيار سمورو سچ آ، ڪوڙ ٻيو آ، ڪُل،
وينگس وارن وچ ۾!
سسئي ٻئجي سوچ! تون، راهون راهون رُل،
وينگس وارن وچ ۾!
ڏکڻ منهنجيءَ ڏات جا، گُهل گهڙي ڪن گُهل.
وينگس وارن وچ ۾!

*

گلن جيان چهرا،

ماڪَ ـ ڦڙا چڻ موهيڙا.
نفرت ڏڏي تـي نينهن ڪي، گهاَو گهٽا گهرا،
ماڪ ـ ڦڙا چڻ موهيڙا ـ
ڍهندا، لهندا نيٺ هـي، پيار سـتـان پهرا،
ماڪ ـ ڦڙا چڻ موهيڙا.
ديپل، هيسيل هـانو ۾، آلـڪا اپـهـرا.
ماڪ ـ ڦڙا چڻ موهيڙا.

# ● اسان انسان

اسان جي اندر ۾ تون سرچي وڃين پل،
اسان کي سچ پوءِ پيءِ سمجهن نہ سگهندين!

اسان پيار پريا مٺا گيت آهيون،
اسان مات آهيون، اسان جيت آهيون!

اسان ماڪ پنڙي ڪا پربات آهيون،
اسان پوهہ پاري جي ڪا رات آهيون.

اسان ڏرتيءَ ۾ ٿڌي ڇانوَ آهيون،
اسان ٿي زهر سان ڀريل ٿانوَ آهيون.

اسان سڪّ جي ڪا سڌي وات آهيون،
اسان ڪرب پريا ڪي سرڀاٽ آهيون.

اسان ڪنهن جي دردن جو درمان آهيون،
اسان درد ڏيندڙ ڪي ڏنوان آهيون.

اسان موتئي جي تہ سرهاڻ آهيون،
اسان ذلتن جا بہ آهڃاڻ آهيون.

اسان پيار جا پڪسرا ڪوٽ آهيون،
اسان ٿي گناهن سندي اوٽ آهيون.

اسان عزتن جا سهارا بہ آهيون،
اسان لچ لوٽڻ وارا بہ آهيون.

اسان ڪن جي روڻ تي رئندا بہ آهيون،
اسان خوش ڏسي ڪن کي جلندا بہ آهيون.

اسان ڪنهن لاءِ ڏاتار، پگوان آهيون،
اسان ڪن جي نظرن ۾ شيطان آهيون.

اسان ڪن جي شعرن جا عنوان آهيون،
اسان قرب قاتل تڪا کان آهيون.

اسان پيار جي ڪٽ تہ پالوٽ آهيون،
اسان ڪن جي احساس تي چوٽ آهيون.

اسان ڪار، بنگلن جا سينگار آهيون،
اسان پيٽ بکيا ننگا پار آهيون.

اسان اتم سڀ کان تہ انسان آهيون،
اسان ڪريل وحشي ۽ حيوان آهيون.

اسان جي اندر ۾ تون سرچي وچين پل،
اسان کي سڃڻ! پوءِ بہ سمجهي نہ سگهندين.

## جيون

جيون ڪنهنجيءَ ياد جو نالو
جيون ڪڙيءَ دوا جو پيالو
جيون سُر، سڳنڌ، آجالو،
جيون اکڙين منجهه جهڙالو
جيون گل جئن ماڪ ۾ آلو
جيون جذبن تي ڪو تالو
جيون ڪوئي ٿهڪ نرالو
جيون ڇڻ ڪو من پورالو
جيون تيز آڏام اپالو
جيون سستي، ڏک، ڏيوالو
جيون روشنين جو حوالو
جيون، غربت بک جو پالو.

*

## شاعر

ديس جو شاعر غريب،
بک آ، جنهن جو نصيب،
سچ ست ۾ لکي،
ڏاڍ جي آڏو اچي،
سور ۽ سختيون سهي،
پوءِ به ارڙو ۽ اٽل،
ڇڻ ته ڪارونجهر جبل.

# ● گيت

*

چڏ چڏ چيڪ نہ ڪر او ڇوري!
چڏ چڏ چيڪ نہ ڪر-
ٽٽي نـاهي رُسي وڃڻ تـي
پيار جي پختي ڏوري-
چڏ چڏ چيڪ نہ ڪر!

قرب ڏئين نہ، قرب وٺين تي،
ڳالهہ ڪرين ٿي ڳوري-
چڏ چڏ چيڪ نہ ڪر!

ڪيڏو ڪيل ُ چـڏيـنـدو ڏاهي،
رات بـچـي آ ٿوري-
چڏ چڏ چيڪ نہ ڪر!

چڏ چڏ چيڪ نہ ڪر او ڇوري!
چڏ چڏ چيڪ نہ ڪر.

واڪا واڪا
وڄ- وراڪا
منهنجا گيت آلا!
سُر سنگيت آلا!
سنڌڙي ساريو
هانءُ نہ هاريو
مات بہ جيت آلا
منهنجا گيت آلا!

ماڻهو سهڻا،
هٺ من- مهڻا،
منهنجا ميت آلا!
منهنجا گيت آلا!
واڪا واڪا
وڄ- وراڪا
منهنجا گيت آلا!
سُر سنگيت آلا!.

*

ميٺهو ڳيءَ جي مند آ، من ۾،
مٺڙا، آڳ لڳائي!
ياد آ، تنهنجي آئي.

جيءَ ۾ جهيڻا ساز ڇڙيا هن،
خوشبو خوشبو گل ٽڙيا هن،
من من مند ملهائي،
ياد آ، تنهنجي آئي.

رات ٽيڻ ۾ پل کي ٽورا،
هينئڙو مٺ ۾ هورا کورا،
تنهنجي ڪل نه ڪائي،
ياد آ، تنهنجي آئي.

رات ٺئي ٿي، چنڊ چڙهي ٿو،
گهرا گهرا گهاوَ گهڙي ٿو،
يادن ننڊ ڦٽائي،
ياد آ، تنهنجي آئي.

ميٺهو ڳيءَ جي مند آ، من ۾،
مٺڙا، آڳ لڳائي،
ياد آ، تنهنجي آئي.

# • چاڻ سڄاڻ

دنيا وارؤ!
سڀ سمجهان ٿو،
مون سان ڪيڏو پيار ڪيو ٿا!
ڏيُ ته ڏيو ٿا.... پر وَڍ ڏئي
منهنجي خاطر
هٿ ڪٺو ٿا، دعا پنو ٿا
جيئن بدران روز مرڻ جي—
سڀ سمجهان ٿو!
سڀ سمجهان ٿو!!
ڏرتيءَ ۾ ليندا ناهيو
چانوَ ته ٿيو ٿا....پرسانجهيءَ جو
پنهنجو پيار ڏيکارڻ خاطر.
ڪير ته ڏيو ٿا.... پر آڪ جو
دنيا وارؤ!
سڀ سمجهان ٿو،
سڀ سمجهان ٿو،
مون سان ڪيڏو پيار ڪيو ٿا!!!

# اڏامڻ جو سفر

پکيئڙا!
جڏهن آهين آڏرڻ سکيو
۽ آڏامين پيو
تڏهن ساهه پنهنجي جو سانگو نه ڪر
اهو آهه ممڪن ته ڪنهن پي پهر
ڪنهن ظالم هٿن ۾ جهليل
ڪنهن غُليليءَ منجهان ڪو غليلو اچي
آڏامڻ ۾ توکي لڳي،
ڦٽ ڏيئي وجهي
(تڏهن تون ڪري ۽ مري به سگهين ٿو)
يا اڻجاڻ، بيڏوهي ڦاسي پوين ٿو
ڪنهن ماريءَ جي چالاڪ چنبن اندر
۽ راتيون گذارين ڪي پڃري اندر-
جي گهرائين، پڇتائين پيارا پکيئڙا!
”ته اڳي ئي جيڪر اڏامان نه ها“
(ته ڪانئر ۽ ڏوهي تون سڏبين، سڄي سات ۾)
آڏامڻ جو ڏاڍو اڻانگو سفر
ڪڏهن، ڪجهه پي ٿي ٿو سگهي، ڪنهن پهر
فضا ۾ اڏامڻ سکيو آن اگر
۽ پيارا پکيئڙا، آڏامين پيو
تڏهن ساهه پنهنجي جو سانگو نه ڪر!

## ◉ توڏانهن....

مون کي آهن اکيون ڏسڻ لاء
چپ ڪڇڻ لاء،
ڪن ٻڌڻ لاء
هٿ لکڻ لاء.
تون ٿو چاهين، تنهنجو ويٺو ڏاڍ ڏسان،
گهر گهر پنهنجي باهه ڏسان،
چپ رهان ۽ ڪين ڪڇان.
”ديس سڄي تي ڌاڙا ڇو؟“
تو کان ڪين سوال پڇان.
روح روح مان راڙ ٻڌان،
سانت سگهي سان چپ سبي،
اندر اندر ۾ پيو لڇان؛
پنهنجو قلم ڀڃي ڇڏيان،
ڪجهه پي ڪين لکان.
لکان پي جي، آءٌ تڏهن: تنهنجا گيت لکان
تنهنجيءَ ڪوڙيءَ شهرت جا ڪوڙين ڪوٽ اڏيان-
پر هي سڀڪجهه، مون کان ڪڏهين ٿيندو ڪونه
آءٌ سدائين لکندو رهندس
ڏسندو، ٻڌندو، چوندو رهندس.
آءٌ لکڻ لاء قلم جي کڻندس
تنهنجو ڪوڙ تڏهن ڦيرائي، تنهنجي منهن ۾ هڻندس
چاڪاڻ ته،
مون کي آهن اکيون ڏسڻ لاء
چپ ڪڇڻ لاء
ڪن ٻڌڻ لاء
هٿ لکڻ لاء.

## ● آواز ئي آواز

ماٺ ڪڏهن ٻي ٿيڻي ناهي
ماٺ ڪرائڻ وارا!
تون جي مون تي
(ماٺ ڪرائڻ ڪارڻ)
موڙن جو ڪو ممڪو لائين
تنهن سان ٻي آواز ٿئي ٿو.
ء جي ڏک لڳڻ تي ڪنڪان
ء جي ڪائي دانهن ڪيان ٿو
تنهن سان ٻي ٿي ماٺ ٽٽي.
ء جي تو زنجير وجهين
سي ٻي ٿا جهنڪارون ڪن
ٻيو - ماٺ جو ٿا ٽوڙن
سونهن، سڳند ۽ سچ جتي
جرڪيل جذبا جتي، اتي
ماٺ ڪرائڻ وارا!
ماٺ ڪڏهن ٻي ٿيڻي ناهي،
ماٺ ڪڏهن ٻي ٿيڻي ناهي!!.

# غزل

*

رم جهم رنگ رچايا آهن،
ڪورا نينهن اُپايا آهن.

هيل به منهنجيءَ دل ۾ ايندا،
سُورن پور پچايا آهن.

ڪجهه ته تون ٻي هٿ ڏکيڙ،
مون جي هٿ وڍايا آهن.

منزل پوءِ به ساڳي آهي،
رستا جي بدلايا آهن.

آهه وڏو ماڻهو ڪونهيان ڪو،
تنهنجا خيال اجايا آهن.

سچ جي مندر ناريءَ ٺوري،
گهوٽ گهٽائي گهايا آهن.

ڇير ٻڌي جذبن جي مون ٻي،
پنهنجا گيت نچايا آهن.

توسان نينهن نيارا ٿي پيا،
ڏينهن ته سُرڪڻ وارا ٿي پيا.

چاهت اهڙو رنگ رچايو،
چهرا چنڊ، ستارا ٿي پيا.

تنهنجو من ٿي منزل منهنجي،
اکڙيون اکڙيون چارا ٿي پيا.

توکي دوست ڪيوسي دلبرا!
دشمن، دنيا وارا ٿي پيا.

ساڪيءَ جهڙا منڙا ماڻهو،
چاڪان ڏوهه ڪسارا ٿي پيا؟

يادون، سپنا، خط اوهان جا،
جيئڻ ڪاڻ سهارا ٿي پيا.

ڏوراهين ڪنهن ڏيهه وڃن پيا،
خيال به هن وڻجارا ٿي پيا.

ڪن جون راتيون روشن هونديون،
پنهنجا ڏينهن به ڪارا ٿي پيا.

سُرڪي مرڪي ڏک ڏسياهي
پڌندڙ روئڻ هارا ٿي پيا.

جيڪي گل! ڌڪاريا دنيا،
سي ٿي توکي پيارا ٿي پيا!

توکان پوءِ دل ٿي دلبر!
ايرڀا آيا چڻ ٿوهر.

جيئڻ ٿي سيکاري، سائين!
راهه ۾ ڪاڏل هر ٺوڪر.

پنهنجي اکڙين منجهه لڪاءِ،
دنيا دشمن ٿي دلبر!

برساتين جو ٻڪڻ ويا ٿي،
ڪچيءَ مٽيءَ مان جوڙيل گهر.

ڳوڙ ۾ دونهين جا آهڃاڻ،
شهري ماڻهو، هڙ شهر.

راهن تان راڪاس گهمي ويو،
هيسيل ڇهرا، ٻوٽيل در.

هر شيءِ هيٺي ماڻهوءَ آڏو،
موت اچا ڏسي ڏاڍو ٻَرا!

منڊ سنوارڻ لاءِ ڪندس،
جيڪي پڄندو وَس- آهَر.

❁

ڪجهه وڇائي ڪان پوءِ اهڙي تائين،
جيئبو توسان پرين! ملڻ تائين.

سلسلو ياد جو ڏکيو هڪڙو،
منهنجي مرڪڻ کان آ رُئڻ تائين.

ڪجهه مهينا ۽ سال وچ ۾ رهن،
ڪنهن جي هٿڙن کان گل ڇڻڻ تائين.

آءٌ سپنن ۾ ڪي گهڙيون گهاريون،
ڏينهن ٿيڻ تائين، اک کلڻ تائين!

ڪيترا ٺاهڙيا، ٽٽڙيا آهيون،
گهر جي در تي اچي، پهچڻ تائين!

ڪجهه ته پن- ڇڻ ۾ پن ڇڻندائي،
پر! بهارن جي رُت اچڻ تائين!

گهگهه اونده ڪڏهن نه ٽيڪي آ،
چنڊ چڙهي ايندو، سج اهڙي تائين.

*

ماڻهو مٺڙا پيارا وو!
جيئڻ کي چنڊ ستارا وو!

نينهن اسانجيءَ دل ڌرتيءَ تي،
ٻري کيا وسڪارا وو!

وقت ڪري تو پڌرا پيارا!
ماڻهو اڇا ڪارا وو!

جيون! مون کي ٻيڪي ڏي تون،
ٻنڙي پل آڌارا وو!

نفرت، ڪاوڙ، ٻول ڪڙا ڇڏ،
ٻوهه جا آهن پارا وو!

جي ڪنهن کي به پيارا ناهن،
ڪيڏا سي ويچارا وو!

سورج آهيان، منهنجي آڏو،
ڪيئن رهن انڌيارا وو!

ٿورو ڏک مليئي روئي پٽين،
حيف تي هيڏا مارا وو!

*

سچ ستان جي سڀ ڪجهه پنهنجو واري ويندا آهن،
سي ئي ماڻهو ڳاڙهن جهڙا ماڻهو ٿيندا آهن.

چاهيندي آ دل سگهن ۾ گهر تي وڃي پر،
ڏک ڏرتيءَ جا روئي روئي راهه جهليندا آهن.

ڪيڏو هوندو آهه ڪلهن تي پنهنجي دوست! صليب،
سچ چوڻ تي وڏا وڏا الزام به ايندا آهن.

ساري جڳ جا سور سهيڙي، پنهنجيءَ جهوليءَ ۾،
شاعر ماڻهو گيت، غزل ۽ وايون ڏيندا آهن.

پاڻ ته پل پل پيارن کان پري نه ٿي سگهندا هئون،
خبر نه آهي ماڻهو دلڙي ڪيئن پليندا آهن.

*

سدا توکي ساري، سدا توکي ساري،
پيو ٿو جيان ياد تنهنجيءَ سهاري.

ڏئي ويئي وري پاڻ ئي ڏيئي ڏئي ٿي،
اڃان زندگي پئي ٿي ماري جياري.

ڪي ڳالهيون مسئلا ۽ مجبوريون هن،
اڃان ٿو پلا ڪير ڪنهن کي وساري.

انهن کان نه ڌرتيءَ جي ڪا ڳالهه ٿيندي،
ڇڏي سوچ جن آهه آپ تي اڌاري.

هلو سرڪ مان سرڪ پرجي هلي،
ڏسو ماڳ سرڪي پيو ٿو نهاري.

*

ٽوڙي چاهت جا زنجيرَ،
ماڻهو ڪيڏا هن دلگير.

پٿر جهڙي دل وارن کان،
چاهت پاتا هِن سوَ چيرَ.

جهيرون جهيرون جذبن تيِ،
اڄ به وڄن ٿا تاٽيا تير.

گذريل گهڙيون ياد ڏياري،
البم ۾ تنهنجي تصوير.

ڪڏهن ته ساري هاريان هوندءِ،
نامي اکڙين مان ڪي نيرَ.

تون پي ڪوئي سپنو آهين،
منهنجن سپنن جي تعبيرَ!

روز ٿي آسون پوڙين، تارين،
منهنجي دل درياهه جي سيرَ!

ڪيڏو جيءُ جهنجهوڙن ٿا،
تنهنجا گيت، غزل تنويرَ!

*

گھنڊ ٽا دل جي گرجا جا وڄندا رهن،
ياد پيارا اچن، گيت رچندا رهن.

ساري جڳ جون برايون اسان ۾ پرين!
ڀاڻ ڏي هٿ دنيا جا ڪڇندا رهن.

منهنجي سوچن ۾ جذبن، خيالن جا گهر،
ياد تنهنجيءَ جي برڪا ۾ پڄندا رهن.

قرب قائم، ته قائم رهن دوستيون،
قرب جيئن جئن ٽٽي، هانوَ ڇڄندا رهن.

ڪوٽ ۾ رات جي گهگهه پوئين پهر،
ڪيترا ماڻهو لڪندا ٽا ملندا رهن.

شهر تنهنجي مان اڏري ويو آ امن،
پنهنجي پاڇي کان ماڻهو ٽا ڊڄندا رهن.

سِڄ جي سِج جي تاوَ اگيان سدا،
ڪوڙ جي برف جا ڪوٽ رجندا رهن.

*

سڏ آهي ڪنهن جو در تي، ڪو ڪڙڪو آهي،
هو مٿان ڪين اچي، دل کي ئي ڌڙڪو آهي.

غزل اڄ رات پرين! واهه جو لکجي ويندو،
ذهن منهنجي تي سندءِ ياد جو ڪڙڪو آهي.

ڪيڏو بيڪار ۽ بڪواس ذهن آ، جنهن ۾،
ڪا نئين ڳالهه نه آهي، نه ئي پڙڪو آهي.

سچ وارن جي هٿن ۾ ڪي ٻريل ديپ ڏسي،
شهر اونده جي ۾ ٺاڪوڙو ۽ ٺڙڪو آهي.

تو چيو: ”هاڻ ڪڏهن ڪينڪي ملنديس توسان“
ڳل مري ٻوندو جي سچ پچ جو هي ڌڙڪو آهي.

*

هر گهڙي هڪ گهاءُ آ، ويٺا سهون،
نئين نموني روز ٿا ٻڌندا رهون.

زندگي اي دوست! ائين گذري پئي،
ڄڻ پيا ٻوتار جي ٻيگر وهون.

ڀاڻ ڄڻ ڪاغذ مٿان بيڪار نانءُ،
وقت جي هٿ سان ڏسيو پيا ٿا ڊهون!

جنهن ۾ پنهنجي سوچ ٿي سوليءَ چڙهي،
حالتن اهڙين سان آخر ڪيئن ٺهون؟

بس اهائي آس ٿي جيئرو رکي،
مَن وڇايل وات کي ڳولي لهون!

*

تون جي آئين، آس اگهاڻي،
جلي پئي جا لاٽ آجهاڻي،

منهنجي ياد اچين رهندئي جئن،
ذهن تي ڪا لوڪ - ڪهاڻي!

ڪپ تي بيٺل ماڳ نه پهتا،
لڙهندي سهڻيءَ منزل ماڻي.

سوچ نئينءَ ڪان ڌار ڪڪلا اِئن
ڏپ ڪيل، جئن بيٺل پاڻي.

ڏوڪڙ بدلي ذات وڪياڏون،
هڻ اڄاڻن چاڻي چاڻي!

شاعر لاءِ ته شعر اڇين ڇڻ،
ادڙو، ادڙي، نينگر نياڻي.

مرڪن ۾ بدلايو منڙا،
هيءَ حياتي ڳوڙهن- هاڻي!

جيون ۾ ڪو جيون ناهي،
پوءِ به جيون تا چاڻي واڻي.

روز تڙون تا ٿهڪ ڏئي اڄ،
رڱندا هاسي، ڳالهه پراڻي.

*

شال جڳمڳ رهن تون ستارن جيان،
مون سان ملي ڪينڪي جڳ وارن جيان!

دل کي دردن جوئي کو سهارو ڏيو،
ڪيسين پٽڪون پيا بي سهارن جيان.

دل ٻڏل شهر ٻجي وئي آهي يا،
ٻن – چڙ ۾ لٽيل چمن نظارن جيان.

ويجها هوندي به ڇو دور ٿي آهيون،
ريل جي بند جيان، ٻن ڪنارن جيان.

راهه ۾ دوست ڪوئي گڏيو هو مگر،
سو به گذري ويو هو بهارن جيان.

ذڪر وڇڙڻ جو جنهن وقت آيو هيو،
روئي هن، مون ڏنو ته هو ٻارن جيان!

*

ڪاري دونهين ۾ ٿي ويا ڪارا،
اُجرا اُجرا، سچا سندر جذبا.

من تن جا اُماس جون راتيون،
ريشمي ويس جن جا، چنڊ- چهرا.

روئڻو پوندو پوءِ اوچنگارون ڏئي،
ڏينهن ڏٺي جو ڏٺو نه ڙي! سپنا.

اَمن جي جيئري لاش تي ٿي ڏي،
جنگ جي ڪوڳ ڳجهه لامارا.

پيٽ سان پٿر ٿا ٻڌن ماڻهو،
عيش بنگلن ۾ ڪن پيا ڪُتا!

ظلم جي تتل ڇانوَ جي هيٺان،
ڪيئن مسافر اچي ڪي ٽڪ پيچندا؟

ٻڌ ناهن او سونهن وارا سنڌ!
منهنجي مهراڻ ـ من ڪان گهرا.

*

پيار ڏي پيار تو گهرڻ چاهيان،
توسان گڏ تو جيئڻ، مرڻ چاهيان.

تنهنجو نالو وٺڻ ڀانو آ،
پاڻ کي ياد تو ڪرڻ چاهيان.

هر خوشي توکي ڏئي زماني جي،
توکان هر درد تو ڦرڻ چاهيان.

آءٌ يادن جو ديپ آهيان پرين!
تنهنجي دل ۾ ٻيو ٻرڻ چاهيان.

منهنجي منزل اڳي، گهٽي اڳتي،
وقت آهيان، نٿو ورڻ چاهيان.

سچ جي سچ جهڙي ٻيرن ۾،
ڪوڙ دنيا جو تو ترڻ چاهيان.

*

پيڙا، ٻوڙ ۽ سور سهڙي،
چا چا آيس موتي ميڙي.

پيارَ جو ٻج ڇٽي دل- ڌرتي،
هيرن جهڙو هاري ڪيڙي.

وقت وڏي مرهم آهي، پر
ياد ڇڏي ٿي ڦٽ اُکيڙي.

شال مان سچ ٿيان جيڪو تو،
لهندي پيي ڳاڙهاڻ پکيڙي.

جڳ ٻيو ٻوه جهومي، جنهن تي،
ساز ڪو اهڙو وڄيو ڇيڙي.

*

اوهان سان جڏهن کان اسان پريت لاتي،
رهي دل رڳو ٿي، اوهان لاءِ آتي.
اوهان ڀي ٻين جان ٻرو چؤ اسان کي!
اوهان ڀي اسان جي حقيقت نه ڄاتي!
وفائن کي ويٺا جفائون سڌيو ٿا،
اوهان سڪ ڪڏهين نه ڪائي سڃاتي.
گهرن جا سڀئي در پيا بند آهن،
اسان لاءِ ڪڏهن ڪين پائي ڪو جهاتي.
مرڻ ڪو مسئلو نه آهي او مٺا!
وڏي ڳالهه آهي گذارڻ حياتي.
ڏکن ۽ ٻکن جي ذڪر کان سوا جنهن،
لکيو ليک، ليکڪ آ، ڇڙ ڏوڙ پاتي.

*

بادل پرجي ٻرسي ويندا،
شايد پوءِ وڻجارا ايندا!
لُڙڪ مٽيءَ ۾ ملندا منهنجا،
ڪير انهن لاءِ پاند جهليندا؟
ساهان وڌ سي ساهه - سهارا،
پري رهي ڪيئن پاڻ پليندا؟
هڪ اڌ ناهي، سوين، هزارين،
درد اسان جا ڪير ڳڻيندا؟
گل! پلي تون ڳالهه لڪاءِ،
شعر سمورا سُور سليندا.

## ● دوهــا

*

منهنجا پيلا گل ڏسي، مون کي تون مايوس نه ڄاڻ،
آهي بسنت رُت اچڻ جو، پيلو رنگ اڃاڻ.

پنهنجي مذهب، رنگ، نسل کي ڳنڍي ۾ رک ٻڌي،
باقي مون جيان پيار جي چاهين، مون ڏي آءُ وڌي!

اونداهين جو سينو ڦاڙي، جڏهن ڦٽي ڪا ٻاک،
اک نه ڪائي آلي رهندي، سنڌڙي! تنهنجي ساک.

سچ سمائي جڏهن اسان جا، گونجيا گهر گهر گيت،
تڏهن اسان جي جيت آ سائين، تڏهن اسان جي جيت!

ديپ جلي جئن انڌيارن کي روشنيون بخشيندو آ،
شاعر پڻ تئن جيءُ جلائي، گيت گلابي ڏيندو آ.

*

جوڀن تنهنجو ايئن پرين! جيئن موجن ۾ مهراڻ،
پر ۾ ويڙهن پيدا ٿي پئي، ساهن ۾ سرهاڻ.

ڦِڪي ڦِڪي جيون ۾ چاهت پري چڙهي ٿي رنگ،
هونئن ته حياتيءَ جو هر پل آ ڪاريهر جو ڏنگ.

پيچ اوهان جي پيار سان پائي، پيار اسان جو ڪُڏي پيو،
وڻ ۾ پينگهه وجهي جئن ڪوئي، ننڍڙو ٻالڪ لُڏي پيو.

رنگ برنگي دنيا جاني! مُرڪي مُرڪي ماڻ،
تنهنجي دم سان دنيا آهي، تون آن دنيا ڪاڻ.

سِپ جي سيني منجهه اچي جئن، موتي ٻڻجي بوند،
منهنجيءَ دل ۾ اچين ته تون پڻ، موتي ٿي پئين هوند!

## ڏراڪيل

*

چُپ چپن تان سانت سڳي جا ٿاڪا ٽوڙيو يار!
مَن ڪيڏو نہ لُڇي ڦٿڪي ٿو، گيت ٻڌڻ جي لاءِ؛
گوندر - گهايل ڏرتيءَ کان منهن ائين نہ موڙيو يار!
چُپ چپن تان سانت سڳي جا ٿاڪا ٽوڙيو يار!

تارڻ ٻدران ٻيڙي هٿن مان ڇو ٿا ٻوڙيو يار!
سور رهيو آ، کهڙو باقي، هاڻ سهڻ جي لاءِ.
چُپ چپن تان سانت سڳي جا ٿاڪا ٽوڙيو يار!
مَن ڪيڏو نہ لُڇي ڦٿڪي ٿو، گيت ٻڌڻ جي لاءِ!

*

وساريو، وساريو، نہ ساريو اسان کي،
جيئڻ جا پيا ٻي گهڻا ڍنگ آهن.
پلا ڪير ٿو چئي، پُڪاريو اسان کي؟
وساريو، وساريو، نہ ساريو اسان کي.

پلي جي دلين مان ڌڪاريو اسان کي،
اميدن جا چهرا، نہ بي رنگ آهن.
وساريو، وساريو، نہ ساريو اسان کي،
جيئڻ جا پيا ٻي گهڻا ڍنگ آهن.

*

هي دنل شهر ڏسي، هانءُ نہ هاريو يارو!
چو تہ ٿو جڳ نئون ٻي ڪوئي جوڙي سگھجي.
جوش ۾ آڏ مٽي جذبي ڪي جياريو يارو!
هي دنل شهر ڏسي هانءُ نہ هاريو يارو!

ذهن جي قيد مان، سوچن ڪي آڏاريو يارو!
ماٺ روئي يا ٿهڪ ڏئي ٻي ٿي توڙي سگھجي.
هي دنل شهر ڏسي، هانءُ نہ هاريو يارو!
چو تہ ٿو جڳ نئون ٻي ڪوئي جوڙي سگھجي.

*

سڀ اڪيلو تہ ڇڏي ڪين وڃو،
مان نندي ٻار جيان روئي پوندس.
منهنجو نندڙو هي مٺا! عرض مڃو،
سڀ اڪيلو تہ ڇڏي ڪين وڃو!

ٻاڻ ڪان ڊار ڪري دل نہ ٻڃو،
درد مان دانهن ڪري روئي پوندس،
سڀ اڪيلو تہ ڇڏي ڪين وڃو،
مان نندي ٻار جيان روئي پوندس.

## ⊛ ٽيڙو

* آئون ۽ سڄڻ،
هڪڙو ماڻهو، ڏلا ٻه،
پيوند ڪيل وڻ.

* مليو تنهنجو خط،
پڙهي هان ۾ ٺري پيو،
لکيل ”تنهنجي فقط“.

* ”وارو ڙي وارو!“
ڪُوڪون ڪڇي وارن جون،
بند ۾ پيو گهارو.

* ٽرئفڪ جو درياهه،
وڏي شهر ۾ ڳوٺائي جو،
منٽ ۾ آهي ساهه.

* ماني اج مکيل،
ٻسي ٻورعيت جي پُٽ جا،
چـڪيا هيڊا ڳل.

* سانت اونداهي رات،
ريڊيي تان آواز ”لتا“ جو
توڙي چـُپ چپات.

* پنجون مهينو پيٽ،
لڪي لڪي لوڪان،
چوري ڪاڏي ميٽ.

## ● بيت

جيءَ اسان جا جڪڙيل، جيئڻ مرڻ گڏ،
سڄڻ منهنجو سڏ، آءٌ پڙاڏو اُن جو.

تو در ڪيئن اچڻ جي، هينئڙي وجهان هير،
منهنجا ميرا پير، اڳڻ تنهنجو آجرو.

ٿئون ڪو عاشق پيار ڪي، لڪائي ٿو جيئن،
اسان توکي تيئن، سوگهو ڪيو ساهه ۾.

آءٌ پرينءَ جي وارن سان، ڳسي ڏڪڻ، گهُل!
ٿئون ٿئي ڪو هل، هيل وري هڪار جو.

هلي پرين هيج مان، جيءَ جيءَ وڃن جهانجهه،
سانوري جئن سانجهه، موهي وجهي من کي.

جانيءَ جڏهن ڪان هنيو، خيالن کي ڪاٽ،
تڏهن ڪان گهر گهاٽ، سُيج لڳي ٿو سرتيون!

ندوريءَ سان نينهن، لائي لڏي وئين هليو،
توريءَ ڏنگن روح کي، ڏينهوءَ وانگي ڏينهن،
ملڻ سندا مينهن، وسئي ڪيئي ورهيه ٿيا.

ڪوڪو ماڻهو موتئو، ڪنهن ڪنهن ۾ هڪار،
هوندئن ته ڪرين چار، ماڻهوءَ ماڻهوءَ من تي.

پوَن پارا پوهه جا، مارو ٿا ٿڙڪن،
پڙڪيو ٿا پڙڪن، جذبا منهنجي جيءَ جا!

سوچون

سرها

گل

— تاج جويو

سوجھ جا گُل ٽڙيا، سُونهن جو سج ڦُٽو،
روشني، روشني، رات ڏيٺي نہ آ!

# وڄ - وراڪا سوچ

## (تاج جويي جي شاعريءَ تي مهاڳ)

نہ تاج جويي جي شاعري گھڻو پراڻي آهي، ۽ نہ تاج جويي سان منهنجي ملاقات گھڻو پراڻي آهي. منهنجي لاءِ سندس شاعري ۽ ملاقات، ٻئي ذري گھٽ گڏوگڏ هليون آهن. هن ١٩٦٧ع کان شعر چوڻ شروع ڪيو، ۽ ١٩٦٩ع کان ادبي ميدان ۾ باقاعدي متعارف ٿيو. مون ۽ مون جهڙن ٻين ڪراڙن اديبن سندس پيڇو بروقت ڪيو، ڇاڪاڻ تہ اهو دور اسان لاءِ پيڇي ڪرڻ جو دور هو. انهيءَ دور ۾ الائي ڪتان ڪتان، ڪيترائي نوان آواز اچڻ لڳا هئا. نئين ٽهيءَ جا الاهي شاعر ۽ ڪهاڻيڪار خود-رو ٻوٽن جيان پاڻمرادو اُڀري رهيا هئا. ادبي روايتن موجب، اهي اسان جي ٻويان آيا هئا، تنهنڪري هوئي اسان جو پيڇو ڪري رهيا هئا. پر مون جهڙي ماڻهوءَ لاءِ، جيڪو لکڻ جي ميدان مان گم ٿي ويو هو، اهو اصطلاح ڪم جو ڪونهي. تنهنڪري ٿي مون چيو تہ اسان جهڙن اديبن انهن نون آوازن جو پيڇو ڪيو. لکڻ بند ڪري، چپ هٿي جو ويهي رهياسين، تہ سانت ۾ هرڪو آواز چٽو ۽ صاف ٻڌي ٻڌوسون. آءٌ تہ وري تن ڏينهن "نئينءَ زندگيءَ" ۾ هوس، تنهنڪري چڻ واڙليس تي ويٺو هوس. جيڪي بہ نوان شاعر مختلف رسالن ۾ ڇپيا ٿي، ڪنهن مجلس ميلي جي موقعي تي مليا ٿي، تن کي "اک ۾ رکڻ" سولو هو. تنوير عباسيءَ جي خبر ڪانهي تہ هن اسٽيٿسڪوپ جي وسيلي آوازن جي رفتار جاچڻ جو ڪم ڪيتري قدر ڪيو،

باقي مون پنهنجي وائرليس تي ڪافي من - پسند آواز ٻڌا. تاج جويو انهن من-پسند آوازن مان هو، جنهن جو پڇڻو مون شروع ڪان ڪيو، ۽ پوءِ جلدئي ساڻس ملاقات به ٿي وئي. انهيءَ ڪري ڏاڍي خوشي ٿي اٿم، جو اڄ سندس ڪلام جو مجموعو ڇپجي رهيو آهي، ۽ آءٌ سندس باري ۾ ٻه اکر لکي رهيو آهيان.

...........

منهنجي خيال ۾، شاعريءَ کي شاعر کان الڳ رکي نه سوچجي. ساڳئي وقت، ضروري ڪونهي ته شاعر جنهن ماحول جي پيدائش هجي، تنهن ماحول جوئي فقط اثر يا عڪس سندس شاعريءَ ۾ هجي. شاعر جو پنهنجو ذهني ماحول به ٿيندو آهي، جيڪو هميشه سندس ٻاهرئين ماحول کان مختلف ۽ اڳيرو هوندو آهي. سچ پچ ته اهو ئي مخصوص ذهني ماحول شاعر جي شاعريءَ جو مقصد به متعين ڪندو آهي، ۽ سندس ادبي درجو به. اتي ئي ڪنهن شاعر جي پسند ڪيل موضوعن ۽ استعمال ڪيل لفظن جو مسئلو به سامهون اچي ٿو.

تاج جويي جي ذهني ماحول واري دنيا اها ئي آهي، جيڪا شاهه لطيف جي "ملير" واري دنيا آهي. اها هڪ تصوراتي دنيا آهي، جيڪا شاعر کي سندس ڌرتيءَ تي مستقبل جا منظر ڏيکاري ٿي. امن ۽ آسودگيءَ جي آرزوئن سان گڏ عملي جدوجهد جي ترغيب ۽ تلقين جا مخاطب سندس پنهنجي زماني جا ماڻهو آهن. هن وقت جيڪي ڪجهه موجود آهي، يا وجود ۾ اچي رهيو آهي، تنهن تي ڪيس بي اطميناني ۽ بيرحمي آهي، پر ان جي ابتدا گذريل زمانن کان ٿي آهي. ان ريت، شاعر جي ذهني ماحول واريءَ دنيا ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل جو هڪ سڄو سلسلو موجود آهي. اها ڳالهه فقط تاج لاءِ مخصوص ڪانهي، هر ڪنهن انهيءَ سنڌي شاعر سان لاڳو آهي، جنهن جي تصور ۾ "ملير" جي جنت آباد آهي. تاج نئين ٽهيءَ جي انهن شاعرن

* تنهنجي وارن کي چانديءَ جو پاڻي وقت ڏنو،
اڄ صديءَ جا او آئينا ڇا ڇا تو نه ڏٺو.

* ويريءَ جي اک ميري،
ڌرتي روز ڌماڪا.

* آبتي ڳالهه نه مڃبي،
ايڪا، پوءِ ڌماڪا.

* موتين مالهائون،
ڳوڙها ڳوڙها ڳل تي،
انڌلٺ ريڪائون:
هنج لٽا چڻ تل تي،
آجري آجري جل تي.

”تاج“ داخلي نوعيت جي شاعري اٿهوند جي برابر ڪئي آهي. ونس نغمگيءَ جي اها ڪوٽ آهي، جيڪا سندس گروهه جي سيني شاعرن وٽ آهي. اهو دراصل موضوع ۽ لفظن جي چونڊ ۾ استعمال جو مسئلو به آهي. نوان مسئلا، نوان لفظ ۽ لفظن جا نوان مفهوم گهرن ٿا.

اهو هن دور جي سيني شاعرن جو مسئلو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ جيڪا مهارت گهربي، سا وقت جي ڳالهه آهي. تاج فقط ڏهاڪو سالن اندر جنهن تيزيءَ سان اڀريو ۽ مقبول ٿيو آهي، سا پنهنجي سر سندس شاعريءَ تي ساکي آهي. مون کي يقين آهي ته سندس پهريون مجموعو تمام خوبصورت ٿيندو، جنهن جو اندازو سندس بنهه ويجهڙائيءَ وارين تخليقن مان لڳائي سگهجي ٿو، جنهن ۾ هو ڌرتيءَ جي مسئلن کي انهن جي ثقافتي سونهن جي پس منظر ۾ پيش ڪرڻ لڳو آهي:

* جونئر جا ڪانا ٿا جھومن،
هاريءَ جا جذبا ٿا جھومن.
سنگ سنگ ۾ ست سمايل، پورهيت جو آ رت سمايل،
هور وهيون پيها ٿــا جھومن،
ڪانڀاٽي، گوڙها ٿــا جھومن.
........
* پيهي تي پٽي هڪليان جهار!
جڳ سڄو جوانيءَ جو ويري، ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي اک ميري،
جوين تان پٽي تڙيان جهار....
لفظن جي چونڊ، انهن جو مفهوم ۽ ترنم، تاج وٽ هاڻي
سڀڪجھه موجود تي وڃو آهي.
اچو ته سندس شاعريءَ جو خلاصو هڪ گاءِ وٺــون، ۽
نئين ٿهيءَ کي سلام ڪريون:
* نئين نسل جون تحريرون،
ڪنوڻيون، ڪنوڻيون، ڪڙڪا ڪيل!

* نئين نسل جي سوچ سگهاري،
سون - سريڪا سپنا سچڙا!

* جتي سونهن ۽ سچ جو ساڳ آ،
اتي "تاج" تڪيا هلي ٿاهجن.
* اوندھه جي ڪاريءَ ڇاتيءَ ۾، ڪلهه ڪنهن ته آمازي ڪوڙي هئي!
اڄ پرهه-پريءَ جي پيشانيءَ تي، ڏس ته ڪڏي پيو سج ڪني!
* ذات جي ڏيهه ۾ رات تيٽي نه آ،
گيت سنگيت جي مات ٿيٽي نه آ.

شمشير الحيدري
ڪراچي سنڌ.
١٠-١٢-١٩٧٨ع

## ٻيٽا

*

آزاديءَ جي آس ريءَ، جي ڪو ڪجهي ساهه،
اهڙو شال گناهه، ٿئي نه اسان جيءَ اڏ ڪان!

آزاديءَ جي آس ريءَ، جيڻ ڄڀرو ڄاڻ!
سچ جو مک سڄاڻ، وڙهي جنگ وجود جي!

سچ سڄاڻي سوپ آ، ڀر جي سچ پسين،
ٻيري شال اچين، آزاديءَ جي آپ تي!

سچائي جي سونهن، قيدن ڪاراٽي ڪڍهن؟
ورهه نه آهه ورونهن، سودو آهي سچ جو!

*

اڄ به سوچ صليب تي، اڄ به سوگهو سچ،
ڪانئر آڇي ڪچ، ايندڙ ويندڙ کي ڏيو!

اڄ به سوچڻ ڏوهه، ڪانئر جي قانون ۾،
آزاديءَ جو موهه، پوءِ به پنهنجي من ۾!

اڄ به قيدي ڪوٽ ۾، سنگهارن جو ساهه،
چانڊوڪي ۽ چاهه، پوءِ به وسن بند ۾.

## ● وائي-ون

*

ڳوڙهن پنڙا ڳل،
آئي اج آئل: نيڻن جي درياهہ ۾!
ڪنهن جيءَ سار سرير جا،
ڪومايا ڪنول:
نيڻن جي درياهہ ۾!
سونهن- نگر جي سير لءِ،
ڪاڏي ساهہ اڇل:
نيڻن جي درياهہ ۾!
هي چاندوڪيون چيٽ جون،
چڪيا چاڪ چنچل:
نيڻن جي درياهہ ۾!

*

بسنت - هيرون،
جذبا جهيرون-! پها پرت جا ڪير رکي؟
پها پرت جا ڪير رکي!

ساهہ اسان جو، چاهہ اسان جو، چيرون چيرون!
پها پرت جا ڪير رکي!

چاندوڪيءَ ۾ سونيون ڪٽڪون، آس-آڪيرون!
پها پرت جا ڪير رکي!

شاعر، سپنا نوڙي، سرجيون، بيت- بهيرون!
پها پرت جا ڪير رکي!

*

اوجل جَرَ سمان، سپنو منهنجي سوچ جو!
جنهن ۾ جيئڻ جوت آ، آزاديءَ ايمان:
سپنو منهنجيءَ سوچ جو!
مارڳ ۾ وڙهندي مران، منهنجو موت مهان!
سپنو منهنجيءَ سوچ جو!
آزاديءَ جي آس ريءَ، مور نه مان انسان!
سپنو منهنجيءَ سوچ جو!

*

هورهيت پکڙ واسڻان، منهنجا گيت گلاب!
سارو لوڪ سڳنڌڏو!

آهم صحيفو سونهن جو، ماڻهوءَ مُکُ ڪتاب!
سارو لوڪ سڳنڌڏو!

انسانيت جي عشق جو، نيارو آهه نصاب!
سارو لوڪ سڳنڌڏو!

ڌرتيءَ مينڌ سنوارَ ريءَ، ساريون سوچون خواب!
سارو لوڪ سڳنڌڏو!

*

جيسين جڳ جو نانءُ آ، رهندي ذات امر:
ڳهوريو، ڀوريو، جندڙو!
سدا جهرڻو سونهن جو، سڪڻو ناهه سجر:
ڳهوريو، ڀوريو، جندڙو!
آرسُر ڀورو ڀينڊ آ، ڀورهيت آهه ڀڙ:
ڳهوريو، ڀوريو جندڙو!
جئوه – جياپو جا ڏسي، سائي سوچ سبر:
ڳهوريو، ڀوريو جندڙو!
پيٽ- ڏڻيءَ جو نانءُ آ، اڄ بہ ڇانو- ڇپر:
ڳهوريو، ڀوريو جندڙو!
ڀرهه- ڦٽيءَ ڦولار ۾، ڳهليو واءُ آتر:
ڳهوريو، ڀوريو جندڙو!

*

ڪاري ڪاري رات، الو ميان،
جرڪي پٽي جذبات!
دونهان دونهان سوچ اوهان جي، ڏياٽي منهنجي ذات!
الو ميان! جرڪي پٽي جذبات.
ڪاٽن سامهون ذات نہ وڪبي، شاعر ناهي ذات.
الو ميان! جرڪي پٽي جذبات.
من جون مڪڙيون، ٽڙيون، ڪڙيون، ناهه فڪر جي مات.
الو ميان! جرڪي پٽي جذبات.
ريٽي رت جون ڇانون، لاٽون، ڇيهون ڇات!
الو ميان! جرڪي پٽي جذبات.

*

آيا آيا يار، سڏ سڄاڻي دار، جو!
ڪيري آيوءَ جي وَهي، مکڙا ڦول ڦلارَ؛
آيا آيا يار!
ظاهر گل گلاب جا، جهيڙي ۾ جهونجهار،
آيا آيا يار!
مُرڪون مقتل سامهون، ڪانئر لاءِ ڪتار!
آيا آيا يار!
ريڙو رتُ آڏيءَ تي، پرهه ڦٽڻ جا پارَ!
آيا آيا يار!

*

سوچون ڪاٺيون، ڪين وساٽيون،
جذبا چار نہ ٿيا،
ٻرڪي، پڙڪي پيا!
ڪوڙڪَڪ ۽ ورڪ ڪوڙڪ، سو گهاساهہ نہ ٿيا!
جذبا چار نہ ٿيا!
اونده چانڻي شهر سڄي تي، ٻريا ڏاتڌيا!
جذبا چار نہ ٿيا!
چنڊ ڪڙيو من ڦلواڙيءَ تي، پائي روز ليا!
جذبا چار نہ ٿيا!

*

باک- مهلَ،
وڻ وهنتلَ: آپريون سوڻون سوچ جون!
اکيون اوجاڳي ڀکيون، ڳل پيل!
آپريون سوڻون سوچ جون!
تالا، پالا، ڪوڙڪيون، ساهه- آچلَ!
آپريون سوڻون سوچ جون!
آهون، دانهون بند ۾، پوءِ به آٿل!
آپريون سُوڻون سوچ جون!
پوتيءَ پوتيءَ پاند ۾، آس سٿل!
آپريون سُوڻون سوچ جون!

*

گهگهه راتين ۾ ڳيت اسان جا،
چوڏس چانڊاٺا،
- ٿم ٿم ٿانداٺا!
چٽنگون چٽنگون چپ اسان جي، مُرڪون ماناٺا!
- ٿم ٿم ٿانداٺا!
ٻول اسان جا، قول اسان جا، ٻانءَ نه ٻاراٺا!
- ٿم ٿم ٿانداٺا!
لاٽون لاٽون، جذبا جُوالا، سرجي ساماٺا!
- ٿم ٿم ٿانداٺا!
جڳ سڄي جي سوڀيا سوڀيا، هٿ- مٺيءَ هاٺا!
- ٿم ٿم ٿانداٺا!

# ● دوهـا

ڏيـڻـا ٻـريـا، تـارا ٻـريـا، ٻـريـا منهنجا نيڻ،
ڪڏهين ورندا اڱڻ ولهيءَ جي، هو وڻجارا سيڻ!

رات ٻه ٿيندي، ماڪ ٻه پوندي، ڏات ٻه ايندي ٻوڙ،
احساسن جا ڏنـپ ڪويءَ ڪـي، ڏيڻي ويندي ڪـوڙ.

جـُـڳ گذريا ٿئي ڏک تي ويٺي، ڪنهن جي لاءِ مڙها؟
روئين ٿو تون ڇـا لاءِ، توسان ڪهڙا ويـل آڙهـا؟

تنهنجي وارن ڪي چانديءَ جو پاڻي وقت ڏنو،
اڌ صديءَ جـا او آئينا، ڇـا ڇـا تـو نه ڏٺو!

قوم اسان جيءَ وٽ ڏاڍي آ، مٺن جـي مـڃتا،
قوم اسان جي ٽـوڙيندي آ، جيڀرن سـان رشتا!

پورب- سر تي ڪاڪه، پکيئڙا، ٻڙيا ويا هٿا جام،
چار وڇـاڻـا اڄ منڇر تي، مـارو ٿيندو عـام.

سينو تاڻي جو ٻـه آڏاڻو، جنهن ٻه پکيڙيا پک،
ڪشي ڪماڻون ان تي ماري، سينگ سڃيندا لک.

*

بيقدرن جي بستيءَ ۾، ڪاهه آيو وڻجارو،
ڪنهن به ڏنو پاپوهه نه ان کي، موتيو ڏکيارو.

سچ جا موتي ساڻيهين وٽ، جهول پري آيو،
پارس جي ڪنهن پرک نه ورتي، هر ڪنهن ٺڪرايو.

سچ جا ويري، ڪچ جا ڪوڏيا، هن نگريءَ ۾ ڪوڙ،
ٻُڪ ٽيا سوريءَ جو سورهيه، ڪانئر مُرڪتي موڙ.

ٻُزيل جي چنبي ۾ ڏوري، نينگر ڍير ڏني،
پوري سمجهي ويٺي ”ڦڙڪي“ آهي آزادي!

جذبا منهنجا چانيي جا گل، ڦولاريل سرنهون،
ساين ڪٽڪن جهڙيون سوچون، سياري ۾ نه سڙيون!

سياري ساڙيا پن وڻن جا، پيار پلي نــه سگهيو،
کيت سنهرا، سرسر، سرسر، ساهن جو سهڪو!

چپيٽي چنڊ چرين جي چاهت، تو نه ڏني هوندي،
ساهن جي سرهاڻ هوا ۾، ساٿ مٺي هوندي!

# گيت

سرنهن ڦلاري، آءُ پياري!
ليٿو پاڻي، من جهوماڻي،
وڄ تون هيڪر!
آپ مان مارا ڇني مٽارا، تو لاءِ وات سجائي ويٺس،
تنهنجا پير ڇهڻ لاءِ پنهنجا، وک وک گيت وڇائي ويٺس،
هيءَ ڏکاري، دل پرياڻي؛
وڄ تون هيڪر،
ليٿو پاڻي من جهوماڻي!
تون جي ناهين، ڪاريون راتيون، ڪاريهر جان ڦڻ ڪڍن ٿيون،
پل پل ياد جون تکيون ڪاتيون؛ من جي مکڙي پيرا ڪن ٿيون،
جندڙي ساري، گهائي گهائي،
وڄ تون هيڪر،
ليٿو پاڻي، من جهوماڻي!
ٽمڪي ٽمڪي ڏات جا ڏيئا، ٽوبن ويندا جوت جهڪائي،
من- مندر ۾ پاڻي ليئا، جيءُ جياري، وڄ گرماڻي،
من بکياري، بکيا پاڻي-
وڄ تون هيڪر،
ليٿو پاڻي من جهوماڻي!

............

سرنهن ڦلاري، آءُ پياري!
وڄ تون هيڪر،
ليٿو پاڻي، من جهوماڻي!

*

پيهي تـي پٽي هڪليان جهار!
جڳ سچو جوانيءَ جو ويري، ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي اک ميري،
جوين تـان پٽي تڙيان جهار!
پيهي تي پٽي هڪليان جهار!

وهي لٽن مان ليٽا پـائي، تنهنجون واتـون پٽي واجهائي،
انگ انگ ۾ چنگ وچـن ٿـا، جوين- ول جـا ڦول ڪڙن ٿا؛
سُرهي سُرهـي رُت ته سارِ!
پيهي تـي پٽي هڪليان جهار!

ڪانهن ۾ نسريا واهه ڪناري، ڪانـوَ ٻـ آيـا آل آثاري،
پوکن ۾ پيا پيها پيها، نيڻ ڏين پيا سڪ- سنيها،
آءُ پرين! ڪر اکڙيون چار!
پيهي تـي پٽي هڪليان جـهار!

پنيرڪي جو ڪانياٽيءَ سان، گهر مـان نيراني ٿي نڪران،
سـج- اوپارو هيـر سـڏ ٿي رتي، منهنجي آس آڪيـر سڏ ٿي ٿي؛
جڳ ڪان اک ۾ مُنهن ڏيکار!
پيهي تي پـٽي هڪليان جهار!

ٽاڪ- پپهرو، ڪانيون ڪوڙيٻ، پوتي ويـڙهي، گوندو جوڙي،
چانو ڪريان ٿي، چانو ٻٽي اڄ، چڏ رسامون، هاڻ ڪٽي اڄ!
نيڻ ته ڪڻ، مون ڏي ته نهار!
پيهي تي پٽي هڪليان جهار!

*

جوڙر جا ڪانا ٿا جهومن،
هاريءَ جا جذبا ٿا جهومن!

سنگ سنگ ۾ سنت سمايل، پورهيت جو آ رت سمايل،
'هور.... وهيو' پيها ٿا جهومن،
ڪانيائي، ڳوڙها ٿا جهومن!

ٻوڪ- ٻڪيءَ جو ٻَپَن ٻَپَن ساڻو، شل نه تڪي تاڪو ڪارائو،
ٻنيءَ ٻنيءَ ۾ آس سٽل آ، ڳنيءَ ڳنيءَ ۾ ساهه پيل آ؛
اڇا اڇا پٽڪا ٿا جهومن،
ڇٽيون ڇٽيون ڪپڙا ٿا جهومن!

ڪيرا سنگ، وَنيءَ جون آسون، ”چاڻ سياڻ نوان آن“ ڪاسون“،
”ڪرڻو آهي ڪاج ٻچي جو“، ڪڙميءَ جو مَن سوچي ويٺو؛
سوچون ۽ سپنا ٿا جهومن،
جيوت جا نقشا ٿا جهومن!

ڇٽ گهٽ ۾ ڇيرا ڇرڪيا، جيون جا پَلَ پوهه به جرڪيا،
ڪَرَ ڪٽي ڪونجن جان ڪرڪيا، پرڙا ساهي، ڦڙڪيا، ڦڙڪيا؛
نيڻن جا تارا ٿا جهومن،
جذبن جا جارا ٿا جهومن!

# غزل

انڊلٺ روپي تنهنجو نانءُ،
تنهنجون سارون ميگهه ملار!

سپني مان ڇرڪايو تاج،
ڪنهن مڌ ماتيءَ نيڻ نهار!

سونهن، سچائي ۽ سرهاڻ،
منهنجي جيوت جا جنسارَ.

برکا رُت، انگوري آس،
ساهه سنپاريا وڇڙيل يار!

ڪوڪو ماڻهو مصريءَ سنگ،
جنهن جي سار به ماکيءَ لارَ.

ڪنهن جا ٻول ڪسارا ڏوهه،
ڪنهن جا چپ به چانهين ڦارَ.

سونهن نگر جي سڌ نه رک،
وک وک واسينگن جا وارَ.

سڌ سوکي آ، اوکو سنگ،
سوريءَ سڌ، پريت پچار!

*

سنڌوءَ جرڻي تارن ڇانوَ،
ياد ڏياريا وسريل ناتوَ!

ڇولي ڇاڪي، ڇاڪيا نيڻ،
ڪي ڪي ڪنڌرا ڪومل هانو!

ڪي ڪي ماڻهو مورَ - مثال،
ڪي ڪي ماڻهو ڪارا ڪانوَ!

ڏڙڪي پوندئون طعني ساڻ،
دليون، هي شيشي جا ٺانو!

لفظ رساڻن گهرا گهاوَ،
لفظ ٿڌا جڻ ڇمر - ڇانوَ!

حسن اسان جو آ معبود!
دنيا وارا سچ چوانوَ!

سچ - سنهو سنهنجا گيت،
پر جي ڏيهي ٻاڻه ٻوانوَ!

ٻيٽ اوهان کي مارو ڙا،
گيت ڏيان يا لڙڪ ڏيانوَ!

اچو اچو او هاري يار!
ڇيڪيءَ - هاڻا هٿ ڇمانو!

ٻورهيتن جو ٻگهر گلاب،
ٻوچا جهڙا تن جا ناٻوَ!

*

ڪومل مکڙا، مُکڙيءَ جهڙا،
ٻـکيا، پينو، ننڍڙا ٻـچـڙا،

ڦٽپاٿي انسان ڏسو ڙي!
هٿ ۾ ڪشتا، قاتل ڪپڙا.

شهرن جو ماحول مشيني،
سوچون دونهون، ماٺهو چڪڙا!

چنڊ جڳهين مان ڦٽڪي نڪتو،
ڪڪرن چار وڇايا ٽڪڙا.

گٽرن جي ڪيڙن جي وچ ۾،
ماڻهو موتين جي گل جهڙا!

گهگهه اونده ۾ ڏيئا ٽمڪيا،
نئين ٿيءَ جا شاعر ننڍڙا.

نئين نسل جي سوچ سکهاري،
سون - سريکا سپنا سچڙا!

*

برکا - رُت اچا تہ نہ آئي،
تاڙا! تنهنجي تانگهہ اجائي.

منڊ - ملهاريءَ جو اوسيڙو،
سولي ڳالهہ تہ ناهي ڪائي.

ڏاهہ ڪيون ڪئن اونداهين سان؟
ٻاڻ تہ پرهن جا شيدائي!

آپ تي اچڙي، هيڪل ڪري،
ڪونج ولرڪان ڪنهن وڇڙائي؟

ٻولارن ۾ ٽيو ٻڙاڏو،
ڪنهن تہ ڏکائي هيءَ خدائي!

ڌرتيءَ - ڇاوا مات مُٺا ڇو؟
دانهن مٿيءَ جي ڪنهن نہ ڪنائي.

گهاٽي جهڙ ۾ سج ڏٺو مون،
ڪيئن چوين ٿو آس اجائي!

جڳ سڄي سودائي سڏيو،
تاج جڏهن ڪا وائي ڳائي!

*

سوچون، وڄ ـ وراڪا،
واڪا، واڪا، واڪا!
ويريءَ جي اک ميري،
ڏرتي روز ڌماڪا!
ڏيهہ ۾ ڏت تي ڀرا،
سڀ جا نيڻ ڇڏاڪا!
ٻيرا، ٻيرا ڇاتي،
ڪهڙا لڳندا ٽاڪا؟
واهُ سڻائو وريو،
سڙهہ جا ڇوڙيو ساڪا!
شاعرا تنهنجا سپنا،
خالي ناهن خاڪا.
اٻتي ڳالهہ نہ مڃبي،
ايڪا ٻوهہ ڍاڪا!

*

ڳل ٻرهہ جا ڇميا هير،
ڪوي! لکي وٺ ڪا تحرير،
سڄ، ڪرڻن جي ڪئي ڇٽڪار،
ڌرتي، مصور جي تصوير!
اونده جي سيني ۾ گهاءُ،
روشن روشن سوچ ـ لڪير!
ڪيڏو اونداهو ماحول،
ڏاڍائي جان تڪ، ضمير!
ڌرتي! توکي دانُ ڏذم،
چانڊوڪيءَ ـ روپي تحرير.

*

اوهان پرهه تي پوش پاتا سدائين،
اسان پرهه تان پانڌ ڇاتا سدائين.

اوهان رات کي روشني چئو، پلي چئو،
اسان رات جا روپ ڇاتا سدائين.

اوهان ساهه آزاد ٻوساٽيو ٿيا،
اسان گيت آزاد ڳاتا سدائين.

اوهان ڪوڙ کي پل سنواريو، سجايو،
اسان سچ جا رنگ سڃاتا سدائين.

اوهان نينهن نيٺر ۾ بندڻ گهرون ٿا،
اسان پريت جا پيچ پاتا سدائين.

اوهان، جي وطن کان وڇوڙيا، انهن ڏي،
اسان سَوَ آڏايا ڪنياتا، سدائين.

اوهان سورما سَوَ چڪيا تي چڙهايا،
اسان جي لهوءَ رنگ لاتا سدائين.

اوهان جون هوائن ۾ سوچون آڏامن،
اسان جا وطن ساڻ ناتا سدائين.

اوهان ڏيهه سارو ڏڪايو، ستايو،
اسان خوش رکي سنڌ ماتا سدائين.

*

اڄا پيار تي وار ٿيندا رهن ٿا،
اڄا سچ تي سچ ڪورا ٻرن ٿا!

اڄا جاڳ ڪي آڳ ۾ ٿا جلائن،
اڄا ذات تي ڪات ڪڙڪن، ڪرن ٿا!

اڄا ڏينهن تي شينهن ڪاهون ٻه ڪن ٿا،
اڄا رات، سوغات، سياڻا چون ٿا!

اڄا ساز آواز تي آهي بندش،
اڄا هير تي تير تاڻيا وڃن ٿا!

اڄا سوچ ۽ لوچ تي آهه پهرو،
اڄا چپ تي چپڙ جا تالا چڙهن ٿا!

اڄا گهاٽ تي ڳاٽ گولين سان چلجن،
اڄا آس جا لاش گهاٽي گهڻن ٿا!

اڄا ڏاڍ جي واڍ سوگهي سسين ۾،
اڄا نينهن وارا نظربند ٿين ٿا!

اڄا سونهن سختيون سهي پئي، سهي پئي،
اڄا ڪوڙ جا روز ڏوڙيا وسن ٿا!

اڄا ڪنهن قلم کي علم ناهه ڏاهيو،
اڄا ٻول گوليون نه ڪنهن جا ٻرن ٿا!

اڄا تاج سوراج جو ٿيلهجي پيو،
اڄا ٺهڪ ۽ ڇهڪ ڏاريا ڏين ٿا!

❊

اکين جا ڪنول شل نہ ڪومائجن،
ڙيل گُل لُڪن ۾ نہ لوساتجن!

سدا سونهن ۾ سداهہ سُرهاڻجن،
سدا سک جي چانوري ۾ جين!

سدا سچ جي سوچ ڦولارجي،
سدا نينهن جا مينهن وسندا رهن!

سدا پُونءِ جا پان پاڪيا رهن،
وطن لاءِ سرجون صدائون هٽن!

سدا سنڌ سان جند جڙيل رهي،
ڪڏهن نينهن جا هي نہ ناتا ٽٽن!

فڪر پٽ ـ ڏٽيءَ جو پڪاري پيو،
عمر جا ڪڙا، ڪوٽ ڪيرائجن.

جتي نينهن نيزي تي ـ سر جي سدا،
آها پُونءِ سنڌڙي اسان جو وطن.

جتي سونهن ۽ سچ جو ماڳ آ،
اتي تاج! تڪيا هلي ڏاهجن.

*

ڏات جي ڏيهہ ۾ رات ٽيٽي نہ آ،
گيت، سنگيت جي مات ٽيٽي نہ آ!

سوچ جا گل ٽڙيا، سونهن جو سج ڦٽو،
روشني، روشني، رات ٽيٽي نہ آ.

اڄ قلم جي رڪڻ لڄ وڏي ڳالهہ آ،
سنڌ ذهنن ۾ پرڀات ٽيٽي نہ آ.

ٻاڪ جي ساک ڪڻ، پرهہ ڏي پيروجهہ،
سچ جي سونهن خيرات ٽيٽي نہ آ.

نينهن نورا پڌايا، نچايا ويڻ،
ڪئن چوان، برهہ برسات ٽيٽي نہ آ.

همسفر! تون سڪن تي چڪن تي پئين،
ڏات ويڪوءَ مان ٻات ٽيٽي نہ آ.

تو چپن کي سبيو، سوچ کي توڳهٽيو،
سوچ ساڃي سنڌ۾ گهات ٽيٽي نہ آ.

*

ڪنهن سڪ اڪانجهيءَ ساهن کي، سرهاڻ-نگر جي وات ڏسي،
اڻ-تارو هوندي تري ويا اڄ، نيڻ نينهن جي تار ندي.

ٿا چاندوڪيءَ جا چٽاڪا ٽپڪن، نيڻ-ڇپر جي وٽين منجهان،
او چنڊ، اکين جي ننڊ نہ ڪس، آرام ڪرڻ ڏي ڪانہ گهڙي!

هن ٻيت ٻٽيءَ کي ٽيڪ نہ ڏي، هيءَ ٻيت ڪرڻ تي آ ٻيارا،
هن ٻيت جي چاپڙ چاپڙ ۾، آ ٻوريل تنهنجي آزادي.

اوراڙ، پراڙ، ڪتان بہ ڪنن تي ڪو سڏ سڄاپو پهتو آ،
مون ورنديءَ ۾ ورلاپ ڪيو آ، ڪاڏي منهنجي ساهہ رچي.

اونده جي ڪاريءَ چاتيءَ ۾، ڪاهہ ڪنهن تہ آماڙي ڪوڙي هئي،
اڄ پرهہ-پريءَ جي پيشانيءَ تي، ڏس تہ ڪيڏي ٻهو سج ڪني.

*

منهنجي ڪورِتا ڊيل-نويل،
ڪارونجهر تي ڪيلي کيل.

رِيٽ ٻيٽ تي اوڏا-ٻير،
ٽر-چاوا، اک ٻٽ سويل.

مورن تي ٿو ٿائين ٽير؟
ماري، هاڻ نہ رَنبي ڊيل!

سنڌڙي! تنهنجي ميري سينڌ،
مان ڪٿن ڪريان تيل-ڦليل.

نئين نسل جون تحريرون،
ڪنوٽيون، ڪنوٽيون، ڪجڪا-کيل.

## ● نظم

هيڪل جيءَ، هزارين جهوريون،
- جان جلي ٿي.
اڪ تماشا لک ڏسي ٿي،
- ڏنڀ ڏئي ٿي.
ڏيهه ڏڪارو، ساٿي، سارو!
- سوچ سڙي ٿي.
آڏيءَ تاٿي ڳيرو ڳائي،
- ننڊ ڦٽي ٿي.
ڀوئينءَ رات ٽڙ جو ٿڪو،
- ٻاڪ ڦٽي ٿي،
ڪر موڙي ڪا ڪنواري ڪوتا،
- جهول جهلي ٿي،
ڏات ڪويءَ جو ڏيل ڏنگي ٿي؛
- گيت گهڙي ٿي.

*

ڏڀ تي ٻوهه جا جيئن ٻوٽا ڄمن،
لڪ ڪوسيءَ ۾ ڪين ڪومائجن،
سچ ۾ سونهن ڪن، ڦول ڦولارجن،
سچ جي ناوَ ۾ ڪَٽرَ ڪٽي ٿا جين.

تيئن انسان ڪي سورما ٿا ٿين،
ڏک ۾، ٻک ۾، وک اڳتي وجهن؛
سچ ساٿي ڪٿن، سونهن تي سر ڏين،
شينهن ٿي ٿا جڄن، مرد ٿي ٿا مرن!

ڏڀ تي ٻوهه جا جيئن ٻوٽا ڄمن،
تيئن انسان ڪي سورما ٿا ٿين!

موت وهيءَ جو ٿيو،
جڻ ڪنهن گل ڇنو،
گل ڇني، مهٽي،
چمن ٻن ڏار ڪيو!

موت وهيءَ جو ٿيو،
جڻ ڪو ساز ٽٽو،
جنهن جي تند تند ۾،
گيت لڇيو، ڦٽڪيو!

موت وهيءَ جو ٿيو،
سونهن - ڪتاب سڙيو،
ڪا تخليق جلي،
آدمو گهٽيو ويو!

موت وهيءَ جو ٿيو،
سو به ڪويءَ جو ٿيو،
فن جو چنڊ ٻڏو،
سچ جو سج لٿو!
ڪنواريءَ ڪوتا جو،
جڻ ته سهاڳ لٽيو!
آپريل سڏڪو ڪو،
دل ۾ دٻجي ويو!

# جيئڻ

جيئڻ سائي ول آ، جنهن ۾ پيلا ٿوهر پتا،
ڪنهن ڪنهن، جيئڻ-ول جا سارا ڪارا ٿوهر ڳتا!

جيئڻ، ’داماهي‘ جو ٻوٽو، جنهن ۾ ڪنڊا جام،
ڪوڪو ڪل لهي ٿو ان جي، ڪوڪو چاڙي مام.

جيئڻ، ’ڏنگڻيءَ‘ جو ٻوڙو آ، وڪ وڪ تي ايذاءُ،
آهُ ته ان ۾ ’مکڻيءَ‘ جهڙو، پريون پار هڳاءُ!

جيئڻ جا پل اهڙا ڪوڙا، جهڙا آڪ جا پتن،
ڦلڙين جهڙي، آهُ! انهيءَ ۾ سونهن پيون ساجن!

جيئڻ، واريءَ جي دٻ آهي، سچ ۾ رُڃ اپار،
آهُ! ته ٻوٽا ٻنجي جاني، ڪريون ٻوهر ڦلار!

جيئڻ، ’چيندڙ داڻوڙي‘ آ، چيي رَتائي پير،
جيئڻ جا هي ڏنگ ڏهاڙي، سهندا مرد مٿير!

جيئڻ ’ڪنرندڙ ڪنڊا‘ آهي، جيئڻ آهه گلاب،
ڪوڪو ڪنڊ لتاڙي ايندو، پڙهندو سونهن-ڪتاب!

جيئڻ اهڙي اڻڊاٺ آهي، جنهن ۾ رنگ-پسار،
جيئڻ آهه سرهَ جو جهوٽو، جيئڻ آهه بهار!

جيئڻ جا سَوَ روپ پيارا، جيئڻ جا سَو رنگ،
جو جيئڻ جا رنگ سجائي، سو پل جهاڳي جهنگ!

# آزاد نظم

منهنجون وَنيون،
تنهنجو وانهيرو او منڙي!
هر سپني ۾ توکي پايان،
اکڙين اوڏو توکي پايان،
برکا- رُت جي ڪڻيءَ ڪڻيءَ ۾
تون ٿي پسجين!
بسنت- رُت جي هر جهوٽي ۾
تون ٿي ڏسجين!
ماڪ - مٺي ۾ توکي پايان،
ڪوهيري ۾ توکي ڳوليان!
ٽيري نپ تي تارن- تڙڪو،
باک- ڦٽيءَ جو نور- جهروڪو،
منهنجي آڏو
توکي آڻي،
باغن ۾ ڪيٽ ڪوئل ڪوڪي،
ڪبڙن ۾ ڪيٽ پپوري ٻولي،
تو لاءِ منهنجو من واجهائي،
تصور جي ڪنهن هندوري ۾
توکي پائي
مست ٿئي، جهومي ۽ ڳائي.
چيٽ- رُت ۾،
چانڊوڪيءَ جي هر ڪُوهي مان
تنهنجو درشن ٿيندو آهي.
راتِ سانت جي مڌر ساز تي،
گيت جڏهن ڪو ڇيڙيندي آ،
سُر- ساگر جي لهر لهر ۾.

ٽپيون ڏيندي، ايندي آهن!
اوجل جر ۾
تڙڳي تڙڳي،
'لاوي' جون ڪي لاتون ٻڌجي،
منهنجي ويجهو ايندي آهن،
گهري گهوَر اکين ۾ پاڻي،
سندرتا جي دڳ لڳائي،
سرت، سمڪ جا سيڙها ميڻي،
ڪنجون پري مستيءَ جي مدّ جون،
نيڻن ۾ اوتيندي آهن،
ڪا سگهه بخشي ويندي آهن!

## ● ڪڙڪبيتا- ڌرتيءَ جا ڌيئا

چنڊ، رَتي پينگهي ۾ ويهي
هوا- لهر تي لڏندو آيو،
رات سانت جي سيني ۾
سوَ بڙڇيون، پالا هڻندو آيو.
آپ- نگر جون
ڇوريون گوريون،
سونا، روپا ڳهڻا پائي،
چنڊ- راجا جي راهه ۾ بيٺيون،
نيڻ وڇائي،
چندرما، هي آپ جو راجا،
نيري نڀ جي ڇپر کٽ تي ويهي رهيو؛
ڌرتيءَ ڏانهن نهار ڪيائين،
ڪرڻا ڪرڻا نُور ڇٽيائين.
چوڏس ٿي چاندوڪي ويئي،
کير جيان،
ڌرتيءَ جي ڪُنڊ ڪنڊ روشن ٿي وئي؛
واهڻ، وستيون،
چمڪي اٿيون،
دير نه گذري، هوا اتر جي گهلي زُوم سان،
ڪارا ڪڪر
اونده جا انبار ڪٽي،
۽ ڪارا ڪارا چار ڪٽي،
نڀ - نگريءَ تي پکڙي ويا!
آپ - نگرجون،
ڇوريون گوريون،

ڳهٽا لاهي،
ٻوڙون پاڻي،
آپ ڇڏي ويون!
چوڏس پاتُ ڇمايو ديرو،
ڌرتيءَ تي ڇانيو انڌيرو.
ڪي ڪن ڳڌريا،
وونٽن جي ڪيتن مان نڪتا،
ڪڙڪپيتا.
ٽم ٽم ٽم ٽم جوت ڏناڏون،
اونداهيءَ ڪي ڇٽو ڇپاڦون:
”پل تون آپ جا
تارا، ڪتيون وچ ڳڙڪائي،
اسان هزارين ڪڙڪپيتا،
ٽولا بنجي،
ڪنيڙاتين ۾ ڪنوڻ لڪائي،
روشن روشن جوت جلائي،
نور ڇٽي جي ڌارا بنجي،
ٽيڙو، چنڊ، ستارا بنجي،
ڌرتيءَ تي ڦڪڙي ويندا سون،
ڪاري اونده مات ڪنداسون،
پات رات کي گهات ڪنداسون،
ننڍڙا آهيون ڪڙڪپيتا،
ڌر ماتا جا ڏيئا آهيون،
ليئا پاڻي، روشن روشن رات ڪنداسون،
ڪاري اونده مات ڪنداسون!
پات رات کي گهات ڪنداسون!!

# رينگا *

ٽم ٽم ٽم آڪاش،
ماڻهوءَ جو وچ رستي تي،
رت ۾ لت پت لاش.
ڪولي ڀؤ ڪو ڪيسن ڪي،
ڳولا ۾ آپيسن جي!

*

موتين مالهائون،
ڳوڙها ڳوڙها ڳل تي،
اندلت ريڪائون.
هنج لتا چڙ تـَل تي،
آجري آجري جـَل تي!

*

* جاپاني نظم "ٽنڪا" (Tanka) جي هڪ بند کي "رينگا" (Renga) سڏيو ويندو آهي. "هائيڪو" جـي وچ واري سٽ سان پوئين ٻه سٽون هموزن ۽ همقافيه ملائڻ سان "رينگا" ٺهي پوندو آهي.

# چتارا *

ڪڪرَ ڪڪرَ جي ڪنڌ مان پاڻي، چنڊ ليا ڪا جيئن،
تيئن جوانيءَ جي چانڊوڪي، قيدي ٿيندي ڪيئن؟
قيدي ٿيندي ڪيئن؟ بندن ۾ جهلڪا ڏيندي سونهن!
چير پير ۾ ڇم ڇم ڇم ڇم، ڇلندي ايندي سونهن!
من-ڪنول تي آيري ايندي، آشا - رنگ - لهر،
جيون- آب تان وڙي ويندا، ڪارنهن سروپ ڪڪرَ!

*

ڪُورتا ڪئن ڪانگهاري ٿيندي؟
گُوها گُوها سوچون ڏيندي؛
سوچون ڏيندي، جوين ونتي،
جيون- جوتي، جرڪي پوندي،
ماڻهوءَ - منَ جا سارا سپنا،
لفظن ۾ سانپي ني ڪَورتا!

*

جذبا جاڳيلءَ راتِ سڻتلَ،
شاعر قيدي، سوچ چڻتلَ،
سوچ - چڻتل ڦڙڪايا پرَ،
ڪوليءَ جا اورانگهي دَرِ،
نڪري آئي آ ڪيوتا،
دل جا جرڪائي جذبا!

*

---

* ”چتارو“ نئين صنف آهي- پراڻي هندي ۽ سنڌي شاعري ۾ ”ڪنڊلي“ نالي هڪ صنف هئي، جنهن جو ستاءُ بيت جي ماترائن تي ٽيل هو، ۽ ان ۾ وزن ۽ ماترائن جي ترميم ڪري ”چتارو“ ايجاد ڪيو ويو آهي. چتاري جي ٻي سٽ جو قافيي وارو اڌ، ٽين سٽ جي منڍ وارو اڌ لازمي ٿيندو آهي، ۽ پهرين سٽ جو پهريون لفظ، آخري سٽ جو آخري قافيو ٿيندو آهي. (تاج)